ڪامريڊ غلام محمد لغاري



# منهنجي آکاڻي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# منهنجي آکاڻي

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد سنڌ

قيمت: ست رپيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

[ ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ ]

ڇپجڻ جو مهينو: جولاءِ ١٩٨٥ع
ڇپيندڙ: احمد برادرس، ڪراچي.
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار

ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ.
ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر ١٩١، جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد سنڌ.

○

[سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر ١١]

○

## آيان ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. علامه آءِ - آءِ - قاضي | قاضي فيض محمد | (ختم ٿيل) |
| ٢. ڏکيون ڄاڻ نه مٽرن | ناز سنائي | (ختم ٿيل) |
| ٣. ڪيان تان ڪافر | ناز سنائي | ١٥ —.. |
| ٤. ماڻڪ ڪاٺوڙي مليا | ناز سنائي | ٢٥ —.. |
| ٥. ٻٻر جا ٻهنوٽيا | ناز سنائي | ٢٥ —.. |
| ٦. ڏونگر جي ڏوريا | ناز سنائي | ١٥ —.. |
| ٧. هاري ڪميٽيءَ الائي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ١٠ —.. |
| ٨. زندگيءَ جي جهروڪي مان | حامد بن غلام محمد لغاري | ٧ —.. |
| ٩. چانڊوڪي ۽ زهر | مومن حلينا | ١٢ —.. |
| ١٠. زندگي | مومن حلينا | ١٢ —.. |

○ ○ ○

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪامريڊ لغاريءَ جي مظلوم
نياڻي،
مهرالنساءِ لغاري
جي نالي ـ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اي منهنجي قوم جا منهنجا ڏيئا! تون جڏهن پنهنجو ترقي پسند ڪتابن
تي سڀ ڪالهوڙ پاڙ ڪيا ان. منهنجو پنهنجو اتي ٻڌارڻ جو سامان
ڪتاب، سودا تي ٽالهه ناهي. آڙتون اٿئي سڄڻ سامان نهريا تي
پوليس ڇاپو هڻي ڪجهه سامان کڻي وئي. جيئن آئي ليڪو ريو.
وقت رقت ٻي ٽالهه آهي. آئي انسان جو سامان ڦرندڙ ڌاڙيا پوليس
سمجهندي ڪٿي به سماجي نيا ورديءَ دلال ٿا آئين.

مون سڀ ڪجهه ونڊائي ڇڏيو ڪري آيا بهتر هيئڻ ليڪو ته قوم
آڏو اڄ نئين جي سموري ڪارگذاري باٻت ڪجهي. ان لاءِ منهنجو ملڪ
اندر ڪتابچو "خالد ميڪو ٽب مهتمان تي ويڙهو" هر درست ڪي پڙهڻ
لکي. باقي پنهنجو اشاعت ڪري ۽ ان ادارن ڪي ڪيا ان تي علائقي
وارن جا رتيا ته قوم آڏو آڻي ڪارڪن جي پيش ڪيا.

ناز سنائي.

٣٠، جولاءِ، ١٩٨٨ع
حيدرآباد سنڌ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# منهنجي آڪاڏي

آئون ١٩١٧ع ڌاري ڳوٺ غلام علي فقير لغاري تعلقہ ڏگهڙيءَ ۾ هڪ غريب هاريءَ محمد خان لغاري جي گهر ۾ ڄائس. منهنجي ڄم جي ڪري منهنجن مائٽن کي بيحد خوشي ٿي. ڇاڪاڻ تہ منهنجو پيو ڪوبہ ياءُ اڳ ڪونہ هو. فقط هڪ ڀيڻ هئي، سا بہ اڳ وفات ڪري ويئي هئي، جنهنجي ڪري منهنجا مائٽ بيحد ماول هئا. (بقول خليفہ نبي بخش لغاري عليہ الرحمتہ).

جهيندي گهرنڪو فرزند ڄاوي، مايا تهيندي
بگانئا لــوڪ ڪـاوي
ڪســن ڪـاون مٺيندا ڄاون ڪـتي شهري
جهونن بر ڊونڊ آون.

بابا صاحب جن چوندا هئا تہ ٻن سالن ڪان پوءِ منهنجو ٻيو ياءُ ڄائو هو، جنهنجو نالو مير محمد خان رکيائون. ليڪن اهو بہ ٻن سالن بعد وفات ڪري ويو. انهيءَ کان پوءِ وري هڪ ڀيڻ بہ ٿي جا ننڍپڻ کان ڪمزور ۽ بدن ۾ تمام ڏبري هئي، ٻارنهن سالن بعد آها

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تحصيل تائين حاصل ڪئي.

مولانا قرآني - بنهي وارو ان وقت زبردست عالم دين هو. اسان جي ضلع ٿرپارڪر ۾ نه بلڪ هند توڙي سنڌ ۾ به وڏو عالم ليکيو ويندو هو. حاجي خميسي جي شڪل و شباهت عالمن جهڙي هئي. هو بد رسمن، پير پرستي ۽ رشوتخوري جي سخت برخلاف هوندو هو. سچ چوڻ جو ته اهڙو ڪوڏيو هوندو هو جو ڪنهن به وڏي ۾ وڏي امير کان به نه ڊڄندو هو. ان سچائي ڪري وڏا ماڻهو به سندس گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ اڄ تائين به سندس نالو دوستن جي دلين تي نقش ٿيل آهي.

هو جيڪا به مذاقيه انداز ۾ نڪته چيني ڪندو هو سا لاجواب هوندي هئي.

ڳالهه ڪندا آهن ته پاڻ هڪ دفعي ڪنهن وڏي جاگيردار مير صاحب جي شادي جي موقعي تي ويل هو. حاجي صاحب کي ماني ته تمام سٺي ڏنائون پر هئي ڪن ميرن جي اوبر. حاجي صاحب کي چرچي جي عادت هوندي هئي. ويتر هو شاديءَ جو موقعو سو جڏهن ماني کائي هٿ ڌوئي فارغ ٿيو. ان بعد اچي منعد کي کنهڻ شروع ڪيائين. ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن صحيح ڪيو، ته هي، ڪو نئون چرچو ضرور ڪندو. سو پڇيائون ته حاجي صاحب چا ٿي ويو؟ چيائين چا ٿي ويو! مير صاحبن جي اوبر کائڻ ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏيرو مراد علي بابا سائين کي چوندو هو ته "محمد خان! ڪن ڏينهن کان پوءِ هي تنهنجو پٽ، پنهنجي همت ۽ بيباڪانه هلت چلت جي ڪري ملڪ ۾ نالو ڪڍندو" بابا صاحب فرمائيندو هو ته وڏيرا صاحب الله سائين شال هي تنهنجا اکر اگهائي -

بابا سائين هڪ هاري آهي. مگر سندس محبت علم وارن سان تمام گهڻي هوندي هئي. بابا سائين ڪي ڏينهن ميرپور خاص تعلقي جي مبارڪ لغاري جي ڳوٺ ۾ به اچي رهيو هو جت ڪوئلن جي مزدوري ڪري ١٢ آني حساب سان ڪوئلن جي ڳوڻ مٿي تي کڻي ميرپور خاص ۾ وڪڻي پنهنجو گذران ڪندو هو. ان بعد وري ميرپورخاص ۾ ڪوڏي مل جـي مشين تي ڪٽر جو ڪم ڪندو هو جتان ١٥ ربيه مهينو ملندو هوس. جن مان گهر جو خرچ ۽ منهنجا ڪپڙا ۽ ڪتاب به وٺندو هو. اُن وقتِ جا ١٥ ربيه هن وقت جي سؤ کان وڌيڪ ۽ برڪت وارا هوندا هئا.

پارسي پوري ڪرڻ کان پوءِ ساڳي مدرسي ۾ عربي شروع ڪيم. مدرسي جي مخالفت ته سڀ وڏيرا ڪندا هئا. پر خاص ڪري ان وقت جي وڏيرن مان خاڪو مهر پنهنجو مٿ پاڻ هو. ڪوڙن ڪيسن ڪندي به ڪين گسندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي تـه مدرسي جي پير ۾ وڏيري جي ڦتين جو ڪرو رکيل هو. ڪنهن حاسد اچي ڪري کي باهه ڏني. ٿن چئن سوَن

رسالو جو مرحوم مير نصير محمد خان نظاماڻي ”خاڪسار سپاهي“ جي ناليِ سان ڪڍيو هو اهو به گهرائي پڙهيم انهيءَ کان پوءِ لاهور جي ”الاصلاح“ اخبار به گهرايم خاڪسار تحريڪ جو لٽريچر تذڪره، قول فعل، اشارات - مولوي جو غلط مذهب ۽ پيا به ڪتاب پڙهيم - جن منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو - ڳوٺ جا جاهل ملان ۽ پير سيدن جا مريد منهنجي سخت مخالفت ڪرڻ لڳا ته آن کان وڌيڪ تحريڪ جو ڪم ڪرڻ لڳس. يوپي ۾ خاڪسارن جو ٽڪر ٿيو ته اتي محاذ قائم ڪيو ويو. لکنو ۾ شيعه سني فساد ڪندا هئا تن کي ٽاڙڻ لاءِ خاڪسارن ڪوشش ڪئي ۽ آتي ويا ته انهن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. بلند شهر ۾ خاڪسارن تي گولي به هلائي وئي. انهي وقت تحريڪ جا مجاهد لکنو ويا تي آئون به سنبت ۾ هوس ته خبر آئي ته محاذ ختم ڪيو ويو.

١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ سڪندر حيات خان خاڪسار تحريڪ تي بندش وڌي. خاڪسار انهيءَ جي پيڇڪڙي ڪري ٣١٣ خاڪسارن جو هڪ جٿو روانو ڪيو جنهن تي گولي هلائي وئي. ڪيترا خاڪسار شهيد ٿيا- آن بعد سنڌ مان به جٿن روانا ڪرڻ جو آرڊر ٿيو. اسان جي ڊگهڙي جا سالار اسلم چوڌري ۽ شيرمحمد لغاري مونکي حڪم نامو ڏيڻ آيا. آئون آنوقت هڪ باغ ۾ مزدوري ڪندو هوس جو مون مقاطع تي ورتو

مسلمانن ۾ اسان جي اڪين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن وڏي آواز سان چيو ته اوهان ڪوبه فڪر نه ڪريو. اسين سڀ انتظام ڪنداسين.

اسان کی لارين تي چاڙهي سڌو ڊسٽرڪٽ جيل ملتان تي ڪٽي آيا. اسان پنهنجي سالار جي حڪم موجب وضو ڪري بانگ ڏيئي نماز لاءِ جماعت تيار ڪئي ان خبر تي جيل جو وڏو جيلر آيو، جو هڪ هندو هو. ان اچي چيو ته ميان "يه جيل هي- يهان آپڪو الگ الگ نماز ادا ڪرني هوگي. همارا سارا نظام تم درهم برهم نه ڪرو، تم جيل ڪي قانون مطابق جماعت ڪي سات نماز ادا ڪر نهين سڪتي". تنهن تي مولوي صاحب چيو ته "هم نماز پڑهني ڪي لئي تو جيل مين آئي هين هم باجماعت نماز تو پڑهينگي ليڪن صبوح و شام پريڊ بهي ڪرينگي. آپ ڪسي طرح بهي همين روڪ نهين سڪتي". انهيءَ ڪشمڪش جي ڪري جيل ۾ شروعاتي گڙ ٻڙ پيدا ٿي. شام جو سپني کي الگ الگ ڪري اندازين ڪوٺين ۾ بند ڪيائون. هڪ گرمي، ٻي اونده انڌوڪار. ٽي طرف وري بدبوء. ڏهن فوٽن جي همچورس ڪوٺڙي. ڪئا، ڏنڊڻ، ڪاڪوس خانو، سڀ آئي. ڪئا، پيشاب واري ٻاٽ سان پڇ ٻوڙي، اسان جي ڇاتي تي اچي ڇٽڪار ڪندا هئا.

کلاڪ کلاڪ کن ڪان پوء پهري تي پوليس وارو دروازي تي زور سان ڏنڊو هڻي چوندو هو ته

شنوائي تي ايندو هو. ٻه دفعا مير علي احمد صاحب ٻه جيل ۾ اچي اسان سان ملاقات ڪئي هئي. ايترين تڪليفن ۽ دردن هوندي ٻه خاڪسارن ۾ جيڪا محبت ۽ ميتاج هو ان جي ڪهڙي تعريف ڪريان. هو هڪ ٻئي کي حقيقي ڀاءُ کان ٻه وڌيڪ پيار ڪندا هئا. خاڪسارن جي محبت ۽ همدردي جهڙو پيار مون اڄ ڏٺين ڪنهن ٻه سياسي ورڪر ۾ ڪونه ڏٺو آهي.

جيل جي نظام کان علاوه اسان جو پنهنجو ٻه جيل ۾ انتظام هوندو هو. اسان جا ڪئمپ سالار اول، جيل سالار بارڪ، سالار محتسب، سالار مشقت، وغيره جا سالار مقرر هئا.

جيل وارن کان سمورن جو ڪم هڪڙو سالار وٺي ايندو هو. پوء سيني کي قطار ۾ بيهاري، جيڪي ناچاڪ بيمار هوندا هئا، انهن کي ڪم کان ڇٽي ڏني ويندي هئي باقي جيڪي تندرست هوندا هئا تن کي اهو ڪم ڏنو ويندو هو. سڀ گڏجي تمام محبت ۽ پيار سان ڪم ڪندا هئا. انُون پيڙڻ جو موالي هوس ليڪن خانيوال کان جيئن قيد ٿيس تيئن جيل ۾ پيڙي نه ملڻ ڪري پيڙين کان صفا آهو ڇٽي ڇڏيم ۽ اڄ تائين پيڙي کان بچيل آهيان. اسان جي پريڊ، روزاني باجماعت نماز، محبت ۽ خلوص جي ڪري جيل جو عملو اسان تي خار کائيندو هو. آخرڪار جيل جي قانون مطابق هنن اسان جي سالارن تي پيشي ڪئي. ڇهه، ڇهه

۾ پشيمان نه ٿياسين. گرميءَ جي ڪري سڄي بدن تي ڦرڙيون نڪري پيون هيون. جي رات جو گهڻو سور ڪنديون هيون مگر ڪابه پرواهه ڪانه هئي. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد اسان کي انداري ڪوٺين مان ڪڍي وري بارڪن ۾ رهايو ويو.

## ڪبوترن جو شڪار:-

جيل ۾ ڪبوتر تمام گهڻا هوندا هئا. ننڍپڻ کان منهنجو باغن جي ڪم سان وهنوار گهڻو هو. جنهنڪري گلاب جو تمام چوٽڙو هوس. ڪبوتر جام ڏسي منهنجي دل اچي هرکي. ڇا ڪيم جو بوٽ جي تري جو ربڙ ڪڍي. ان کي چلي سنهون ڪري هڪ ڪاني هٿ ڪيم جنهن ۾ ربڙ وجهي گليل ٺاهيم. بارڪ جي پر ۾ ڪنڀارخانو هو ان مان مٽي کڻي گوليون ٺاهي ڪبوترن جو شڪار ڪندو هوس. آئون هڪ ٿي روزانو ٢٠ - ٢٥ ڪبوتر شڪار ڪري سيني خاڪسارن کي گڏ ڪارائيندو هوس. بصر ۽ تيل جام هوندو هو ۽ تريل ڪبوتر ڏاڍا لذيذ ٿيندا هئا. پر ڪبوترن جي کائڻ ۽ گرمي جي ڪري منهنجي بدن ۾ گرمي ٿي پيئي. ۽ بخار به اچڻ لڳو. اهي هئا جيل جا ڏينهن جي خوشيءَ سان پئي گذارياسين.

## سياسي قيدين سان جيل ۾ ملاقات:-

هي پهريون ٿي موقعو هو جو مونکي حيدرآباد کان دور پرديس ۾ گهارڻ جو موقعو مليو هو. آئون اڻ ڄاڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حافظ نعمت الله نابينا، احراري ليڊر به ان جيل ۾ هو. هو معذور ساڻهو جيل ۾ تمام لاچار هو جو هن کي اُٿ ويهه ۾ ڪاڪوس وغيره جي سخت تڪليف هئي. هن کي اسان پاڻ وٽ رهايو. هو به اسان وانگر سي ڪلاس ۾ هو. ٻين ڪن ڪانگريسين ۽ سوشلسٽن کي بي ڪلاس مليل هئا. مگر ماڻهن ۾ هن ويچاري معذور لاءِ ڪابه دلچسپي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. جو ڪٿي هن کي ڪاڪوس ۾ نين، يا بسترو وڇائي ڏين. هن حافظ کي اڍائي سال سزا مليل هئي جو هن فوج جي ڀرتيءَ خلاف هڪ جلسي ۾ غزل پڙهيو هو. هي آها فوج جي ڀرتي هئي. جن ڪعبه خدا تي گوليون هلايون هيون. انهي غزل جا ڪي بند مون کي اڃا تائين ياد آهن جي هي آهن. پنجاب جا ماڻهو فوج ۾ تمام گهڻا ڀرتي ٿي ٿيا جن کي خاص طور ترڪن ۽ عربن جي خلاف استعمال ڪرڻو هون. ان ڪري حافظ پنهنجي شعر ۾ ماڻهن کي اپيل ٿو ڪري ته اهڙي فوج ۾ ڀرتي نه ٿيو-

## شعر

مؤمنو اب تو غيرت مين آنا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا
اب نه ترکون پر گولي چلانا
اب نه عربون کو جا کر ستانا
اب نه کعبي کي پردي جلانا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اب نہ مونڈل مربے ملینگے
اب نہ اپني بچوں سي آبے ملینگے
ھورھا ھے فرنگي رواں
فوج میں بھرتي ھوکر نہ جانا
چاھي دار پر ھمکو چڑھ دو
چاھے توبوں کے آگے اڑادو
ھم تو گائینگے یھی ترانا
فوج ۾ بھرتی ھوکر نہ جانا
پیو ھڪ پارسي ۽ پنجابي ۾ خواب ھو جو
ڳايو ھئائون.
راتین مي پیا مینون خواب آگیا
گئے فرنگي ایتھون انقلاب آ گیا.
انھن شعرن ۾ انگریزن جي ھتان وڃڻ جي پيشنگوئي
۽ غیرت آمیز جملا ھئا. تہ جیئن کوبہ مسلمان فوج
۾ ڀرتي نہ ٿئي.

## ھڪ انقلابي ڪميونسٽ سان ملاقات:-

انھيءَ جيل ۾ ھڪ ڪامريڊ ھيرا لعل نالي جوان
بي اي پاس ڪيل بہ ھو. جنھنکي ١٤ سال جيل جي
سزا مليل ھئي. ھو وڏو بھادر ڪميونسٽ ھو. ھن
انگريزن جون ڪيئي موٽرون جلائي ڇڏيون ھيون.
جنھڪري ھن کي چوڏھن سال سزا ڏني ويئي ھئي.
جيل ۾ بہ ھن وٽ لٽريچر تمام گھڻو ھو. ھن وٽ
مارڪسزم بابت ڪافي لٽريچر ھوندو ھو ڪتابن جا ڍڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئون مولانا جي طرز تحرير جو شيدائي ٿي پيس. پوءِ مون سندس تصنيفات جا گهڻا ڪتاب پڙهيا. هن کان اڳ مون کي علامہ مشرقي جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ لٽريچر پسند ڪونہ ايندو هو. ٿوري وقت ۾ ڪانگريس جو هڪ وڏو اجلاس آتي ٿيو سو ڏٺم ۽ وڏن ليڊرن جو تقريرون ٻڌم. اتي مونکي بہ شوق ٿيو تہ آئون بہ تقرير ڪرڻ سگهان. پوءِ تہ تقرير جي مشق ڪرڻ شروع ڪري ڏنم صبح سويل ناشتو تيار ڪري کائي ويندو هوس جهنگ ۾. آتي وڻن سامهون بيهي ڳالهائيندو هوس. اتي منهنجي طبعيت گهڻو سڌري ويئي جيترو بہ وقت مسوري ۾ رهيس رئيس غلام مصطفيٰ منهنجي مدد ڪندو رهيو. قدري دوست ۽ گهر وارا بہ امداد موڪليندا هئا.

سادا ٻي مهينا مسوري ۾ رهيس- منهنجي طاقت ۽ توانائيءَ ۾ بي حد اضافو ٿي ويو. ان بعد وري واپس سنڌ ۾ آيس.

## هاري حقدار جي ڪاروبار جي شروعات:-

ڪجھ ڏينهن گذرڻ بعد هارين جي حفاظت جو ڪم شروع ڪيم. هڪ ڳاڙهي جهنڊي هٿ ۾ کڻي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پيدل گهمڻ شروع ڪيم ۽ آهستي آهستي ڳوٺائن اڳيان تقريرون بہ ڪيم- ظالم زميندارن ۽ ڪامورا شاهي جي پيڙي خلاف آواز آٿاريم. انهي وقت جا ڪانگريسي ليڊر بہ واقف ٿي وياہ

هڪ اخبار 'مداءِ غريب' جي نالي سان ڪڍڻ لاءِ

درخواست ڪيم ۽ اجازت به مليءِ. مگر ضلع جي هڪ پراڻي اخبار نويس منهنجو اهو خيال لاهي ڇڏيو. ان ڏينهن ڪانگريس طرفان ڊگهڙيءَ ۾ وڏو ميڙ ٿيو آن ۾ مهاشيه هوت چند آسناڻي 'جڳ پارت' جي ايڊيٽر سان ملاقات ٿي. آهستي آهستي ڪم کي وڌائيندي اڳتي هلائيندو رهيس.

مراد علي مهر جنهنجي مدرسه ۾ مون تعليم ورتي هئي - سو هڪ ڏينهن مونکي مليو. منهنجي ڪم ڪان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دعائون ڪرڻ لڳو ته خدا توکي صالح ڪري. رشوت خورن ۽ ظالم زميندارن ڪانَ ڪڏهين به نه ڊڄ ۽ همت سان اڳتي وڌندو رهه. آخرڪار هٿين خالي هجڻ سبب ڪاربان پنا وٺي پنهنجي هٿين اشتهار لکي ڀرواڙي جي ڳوٺن ۾ مکيه جاين تي وچي هڻندو هوس. جيئندي سميت ڪم ڪندو ۽ هلندو رهيس . پيدل هلندي وٺن کي ماڻهو سمجهي جهر جهنگ ۾ تقريرون ڪندو هوس. جيئن مونکي ڳالهائڻ جو تجربو ٿئي.

١٩٤٥ع جي پڇاڙي ۾ آئون لوڪلبورڊ جي اليڪشن ۾ اميدوار بيٺس. ڊگهڙيءَ تڪ سان مون وٽ ڊپازٽ جو پئسو ڪونه هو. سو گهر واريءَ جي نٿ هڪ سو روپين ۾ وڪڻي ڊپازٽ رکيم. آن وقت ان ڪم ۾ خالصن بلگير سنگه ۽ حسن سنگهه زميندارن ڏاڍي مدد ڪئي. ۽ نامينيشن پيپر به انهن ڀري ڏنو. پيپر ڪا غلطي هئي رد ٿيڻ جو وڏو انديشو هو. ليڪن

آياسون، صبوح سوير جاه واردات تي پهتاسون رفيق ڄتوئي به آيو. پوليس جو جمعدار نورمحمد قريشي سر زمين جو مشير نامو وغيره ٿاهيو. ڪيس ڪورٽ ۾ هليو. قاديانين به ڪائونٽر ڪيس ڪيو جنهن ۾ ڪي هاري جيل ۾ وڌا ويا. آخر سيشن جج شنڪر سنگهه ڪورٽ ميرپور خاص هارين کي آزاد ڪيو ۽ قادياني زميندارن کي سزا ڪيائين انهيءَ ڪيس جي پيروي ۾ آئون گهڻو آيس ويس. هارين جي طرفان وڪيل مسٽر بنارام وڪالت ڪئي، سرڪار طرفان جناب مرزا سڪندر بيگ وڪيل هو.

١٩٤٧ع واري اليڪشن تي، ان ڪان پوءِ آئون باقاعده نبي سر روڊ تي رهڻ لڳس. پاڪستان آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ قائم ٿيو هندو ڀڄڻ لڳا. نبي سر روڊ تي گهور گهاٽ ٿاهي پار ڀڄڻ به اڻ وڻي آيس. اهي ٢٤ ايڪڙ مليل مٿا ڪري مون نبي سر روڊ تي ورتا. آبادي ڪرايم، ريزڪي دڪان به کولايم. هندن جي وڃڻ ڪري شهر خالي ٿي ويو ماڻهن جاين ڊاهي ڪاٺيون پٽڻ شروع ڪيون سو انهن جاين کي به بچايم. هڪ مانڊلي پيڙهين جي به ڪڍيم. غريب هارين جي محبت جو جذبو جو منهنجي دل ۾ هو ان ڪري ويچارا هاري به مون تان ساهه پساهه قربان ڪرڻ لڳا.

وري مهاجرن جي اچ اچان ۾ به مان ڪري ڪئين ويٺس. غريبن کي آباد ڪرڻ ۽ هنن کي گهرجون جايون

ڳاڏي هلڻ کان اڳ مون شاهدن جا نالا نوٽ ڪيا ۽ ٽڪيٽ نمبر به نوٽ ڪيا. آئون ساماري روڊ تان لهي پيادو ساماري شهر پهتس اُتان وري سڌو حيدرآباد ويس. سچي حقيقت پنهنجن دوستن ۽ هاري ڪاميٽي جي صدر رفيق جتوئي کي ٻڌايم. هڪ درخواست جيڪا ڊپٽي ڪمشنر، ڪليڪٽر جي نالي هئي، سا کڻي ڳاڏيءَ تي چڙهي ٽبي سر روڊ پهتس. منهنجو خيال هو ته ڳوٺان ٽي خبر چار وٺي پوءِ عمرڪوٽ ۾ ڪليڪٽر کي وڃي درخواست پيش ڪريان جو ان ڏينهن ڪليڪٽر جي منزل عمرڪوٽ هئي.

ڳوٺ اچڻ تي خبر پيئي ته آهو صوبيدار هڪ ڏينهن اڳ هت آيو هو. خانصاحب چوڌري غلام محمد جي منشي عبدالله پنجابي کي فريادي بنائي هڪ ڌاڙي جو ڪوڙو فرياد ناهي، مشيرناماں وغيره ڪوڙا لکي هليو ويو آهي.

اها خبر پڌي آئون صبح واري لاريءَ ۾ عمرڪوٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ لاري ۾ چڙهي ڪري پهتس ته صوبيدار به ڪن شاهدن کي وٺي پيو هلي عمرڪوٽ ۾ لاريءَ ۾ سوار ٿي ويهي رهيو. آئون اڳين سيٽ تي ويٺو هوس، لاري عمرڪوٽ پهتي مون ڪليڪٽر جي پڇا ڪئي، معلوم ٿيو ته هو فرش شڪار تي ويل آهي. آئون شهر جي ٻن ٽن دوستن سان ملي مختيارڪار وٽ ويس جو اتي جي هارين جو ڪم هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو هن لاڙي ۾ مونکي عمرڪوٽ موڪليو ۽ منهنجو ريمانڊ هفتي جو ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ڪان وٺي پوءِ عمرڪوٽ ۾ بند ڪيو ويو. رفيق حيدر بخش کي سڄي قصي جي خبر هئي. هي صاحب ڪراچي ويو. انهيءَ وقت سنڌ جو وزير اعظم يوسف هارون هو. انهيءَ کي ملي سڄي حقيقت ڪري آزادي جي تار ڪرائي. ۽ ڪيس جا ڪاغذ سرڪار پاڻ وٽ گهرايا. هتو هٿ آرڊر وٺي پاڻ عمر ڪوٽ پهتو. تار رستي آرڊر اڳ اَت پهچي چڪو هو، آئون آزاد ٿيس. جتوئي صاحب ۽ اسين سڀ دوست گڏجي نبي سر روڊ پهتاسون. رات جو خوب خوشيون ڪيوسين. آخرڪار ڪيس جا ڪاغذ جاچي اسان کي آزاد ڪيو ويو ۽ صوبيدار سسپينڊ ٿيو. فريادي‎ءَ تي ڪوڙي فرياد ڪرڻ جي ڪاروائي ٿي - هو ٻه ڪيترو وقت ڪيس ۾ ڪهلبو رهيو آئون هاري تحريڪ جي ڪم کي لڳو رهيس. رفيق مير محمد نبي سر روڊ رهندو هو. آئون خانه بدوش، گلي، گلي واهڻ ۽ ڳوٺن ۾ ڦرندو هوس.

## ميلي جي شروعات:-

انهن ڏينهن ۾ نبي سر روڊ جي حالت خراب هئي. شهر ويران ٿي ويو هو. ماڻهن جي آمدرفت تمام گهٽجي ويئي هئي.

شهر کي رونق وٺائڻ لاءِ هڪ ملاکڙي جو پروگرام ٺاهيو ويو. جنهن لاءِ شهر جي هوٽل وارن ۽ دڪاندارن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪجي.

هڪ بنگالي رفيق سان اها ڳالهه ڪيم. هو ڏاڍو تيو ۽ مونکي سندس جاءِ تي وٺي ويو. ٻي ڏينهن لانچ تي سوار ٿي هن جي ڳوٺ روانا ٿياسون. جي سرزمين پاڻي ۽ ٻيڙين جو ملڪ آهي. هتي بادي سٺي ۽ جانور آهي. اسان ماڻڪ گنج ڪـي طرح گهميس ۽ سڄي سب ڊويزن جو دورو ڪيم ۾ هڪ اسپتال گهمڻ ويس آتي ڇوڪرين جو ۽ اسڪول ڏٺم. اها اسپتال هڪ هندو خيراتي ٺهرائي ٻيا ٽائين اسپتال سندس ڪيل وقف ملڪيت مان هي آهي. اسپتال جي مئنيجر يا سنڀاليندار سيٺ جي ڏٺي. ان کي ٻه ملياسون. هن اسپتال ۽ اسڪول اما چڱي طرح گهمائي ڏيکاريو ۽ هڪ ڪتاب ٻه ڏنائين جنهن ۾ سيٺي جون تصويرون ۽ اسپتال، اسڪول جو ۽ هو. انهي کان پوءِ آئون واپس ڍاڪا پهتس. اتان ٿي جهاز رستي ڪراچي آيس. ڪراچي کانپوءِ سڌو ئي آيس.

ـي جو آجراهُ باقاعده چالو هو. ان کان پوءِ نئشنل عامي پارٽي جو ڪنوينر ضلع ٿرپارڪر جو ٿيس ٿرت ۾ جون چونڊون ٿيون اتي صدر چونڊيس. انهي کانپوءِ ٻيهر چونڊ ۾ پارلياماني بورڊ ورڪنگ ڪاميٽي مغربي پڪستان جي نمائندگي لاءِ چونڊيو ويس. الائي هارين جي جدوجهد لاءِ هڪ ڪئمپ قائم ڪئي ويئي

هئي- جنهن جو نالو شهيد مائي بختاور الاني هاري
رکيو ويو- انهيءَ ڪانسواءِ هارين، مزدورن ۾
آڻڻ لاءِ هنن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪيم ۽ ا
منهنجي زندگي جو مقصد به اهو ئي رهيو آ
ته مرڻ گهڙي تائين رهندو.

تازو مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيو مونکي ١٥
١٩٥٨ تي ميرپورخاص مان گرفتار ڪري ه
ويو آهي- هن وقت جيل ۾ آهيان- هيءَ آهي ي
مختصر زندگي جي آکاڻي ۽ زندگي جو خاتمو
بنا ڪنهن وڌاءُ جي لکيو اٿم- فقط اهو ارادو ي
ڪيم ته مونکي پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون ن
۽ دوستن لاءِ به ڪجهه سوچڻ جو سبب ٿين بن-
ان ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه مقصد ڪونه آ اميد
اٿم ته هي منهنجو لکيل احوال ٻاهر پهچندو جيل
کان آزاد ٿيڻ بعد ضرور ڪنهن ڪم جو ٿيندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book